سوال 2:- شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري ۾ تصور انسان، محبت، جدوجهد ۽ ڪائناتي هم آهنگيءَ جو تنقيدي جائزو لکو. مثالن سان وضاحت ڪريو.

## تعارف:- شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌ جو اهو باڪمال شاعر آهي جيڪو دنيا جي وڏن شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. دنيا جا وڏا وڏا عالم ۽ محقق ۽ سخن شاهه سائين جي شاعري جي (ڪلام جي) تحقيق ۽ تشريح ڪرڻ ۾ رڌل آهن. شاهه سائين جي شاعري ۾ انسان جو تصور، ڪائنات، محبت ۽ جدوجهد اچي وڃن ٿا. جن مان چند پهلوئن جو هيٺ جائزو ڪجي ٿو.

## تصور انسان ۽ ڪائنات جو وجود

شاهه سائين جي شاعري ۾ انسان ۽ ڪائنات جو وجود بيان ڪيل آهي. شاهه سائين ڏٺو ته هن ڪائنات ۾ ڪيترائي وجود آهن، اهي سڀ پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن يعني هنن جي اصليت هڪ ئي آهي پوءِ هن نتيجي تي پهتو ته جملي هستيءَ جو حقيقي بنياد "وجود ڪل" آهي. هن ڪائنات ۾ جيڪي ڪجهه به آهي ان جو مدار هڪ ئي وجود تي آهي جيڪو قائم ۽ دائم آهي. اهو وجود ڪائنات جي هر شيءِ کي پنهنجي دائري ۾ رکي ٿو

جيئن ته وجود صرف هڪ آهي ته پوءِ هي
ڪائنات ڇا آهي؟ ان لاءِ لطيف سائين
فرمائي ٿو ته

**پڙاڏو سوئي سڏ، ور وائي جو جي لهين**
**هئا اڳين گڏ، پر پڙدن ۾ پڌرا ٿيا**

بظاهر هيءَ ڪائنات ٻيو وجود ڏسڻ ۾ اچي ٿي پر حقيقت ۾ اها پڙاڏي جي سڏ وانگر آهي. اسان کي پڙاڏو ۽ سڏ ٻه شيون لڳنديون آهن پر حقيقت ۾ ٻئي هڪ ئي شيءِ آهن.

شاهه لطيف فرمائي ٿو انسان جو وجود هن ڪائنات ۾ فاني نه آهي ڇو ته اهو حق آهي ۽ حق ڪڏهن به فنا نه ٿيندو ٻه ان کي صرف اندر جي اکين وارا ئي ڏسي سگهندا آهن. حق انسان جي اندر ۾ آهي ان کي ڳولڻ لاءِ ڪاڏي وڃڻ جي ضرورت نه آهي.

**وڃين ڇو وڻڪار هٿ نه ڳولين هوت کي**
**لکو ناهي لطيف چئي، ٻاروچو ٻئي پار**
**ناٿي نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو**

لطيف سائين "حق مطلق" کي اسان جو دوست سڏي ٿو. حق ۽ انسان جو رشتو دوستي جو آهي. ان دوست يا پرين کي پسڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي پرورجي.

خدا کي سڃاڻڻ لاءِ پنهنجي ذات جو عرفان ضروري آهي، يعني جن پاڻ کي سڃاتو انهن جڻ خدا کي سڃاتو.

## شاهه لطيف جي مجازي شاعري "تصور محبت"

شاهه سائين حقيقت جي اعليٰ درجي تي پهچڻ کان اڳ مجاز جون ڪيترين ئي منزلون طئه ڪيون. جانب جي جلوي سندس جي هڪي جهوري ڇڏيو. عشق سندس اندر جو سڪون برباد ڪري ڇڏيو، ۽ هو پنهنجي بيهيني کي دور ڪرڻ لاءِ جهر جهنگ جهاڳڻ لڳو. شاهه لطيف پنهنجي پرين جي ~~عڪاسي~~ جلوي جي عڪاسي ڏاڍي سهڻي انداز سان ڪئي آهي. سجڻ جي هار سينگار جو ذڪر به ڪيو آهي. شاهه سائين جي سرن ۾ مجاز جو سڀ کان گهڻو ذڪر "سر مومل راڻي" ۾ ڪيو آهي. جنهن ۾ مومل جي حسن جي تعريف ڪئي آهي. سندس حسن ۽ لباس جي تعريف ڪندي چوي ٿو:

**جهڙا پاڻ پڻ، تهڙيون سايون**
**مٿن ڦالون**

# عطر ۽ عنبر سين، تازا تحيائون

شاهه سائين چوي ٿو مجازي محبت ۾ سڀ کان وڌيڪ عذاب ڏيڻ محبوب جو انتظار هوندو آهي. شاهه لطيف ان ڪيفيت کي سُر مومل راڻي ۾ بيان ڪيو آهي.

شاهه سائين جي مجازي شاعري جو پهلو انتهائي دردناڪ آهي جنهن ۾ (وڇڙڻ، سڙڻ ۽ پڇڻ) ۽ انتظار جي ڪيفيت آهي.

## شاهه لطيف جي شاعري ۾ جدوجهد

شاهه لطيف پنهنجي شاعري ۾ جد و جهد تي گهڻو زور ڏنو آهي. انسان جي زندگي جو هر لمحو قيمتي آهي ۽ پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ان کي ڪجهه تبديليون آڻيڻيون پونديون. مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ انسان کي غفلت واري ننڊ مان سجاڳ ٿيڻو پوندو ۽ جنهن انسان غفلت مان پنهنجي جان ڇڏائي نہ اهو ئي مقصد حاصل ڪري سگهي ٿو. مقصد سان محبت ڪندڙ انسان کي ڏکي حالتن سان منهن ڏيڻو پوندو آهي ۽ اهي ڪڏهن بہ گهبرائيندا ناهن. جد وجهد ڪندڙن کي اهو احساس بہ ستائيندو رهندو آهي تہ وقت تمام گهٽ آهي، منزل تمام پري آهي. اهڙين حالتن ۾ ٿوري وقت ۾ گهڻو ڪجهه ڪرڻو آهي. سک ۽ چين کي ختم ڪري پنهنجي جان

جلائي مقصد حاصل ڪرڻو آهي. شاهه سائين فرمائي ٿو.

**ٿتيءَ ٿڏيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل**
**وهڻ جي**
**متان ٿئي اونداهه، پيرنه**
**لهين پرينءَ جو.**

شاهه لطيف انسان کي هر حالت ۾ جدوجهد ڪرڻ جو چيو آهي پنهنجي شاعري ۾. مطلب ته شاهه سائين وٽ مقصد کي ماڻڻ لاءِ حوصلي ۽ همت سان گڏ هر قسم جي قرباني ڏيڻ لازمي آهي.

## نتيجو

شاهه عبداللطيف ڀٽائي دنيا جي شاعرن جو سرتاج آهي جنهن پنهنجي شاعري ۾ انساني وجود، ڪائنات جي هم آهنگي، محبت، جدوجهد ۽ ڪيترن ئي پهلوئن تي لکيو آهي. شاهه ڀٽائي نظريه وحدت الوجود جو قائل آهي ۽ ڪائنات جي هر شيءِ کي خدا جو مظهر چيو آهي ۽ خدا کي سڃاڻڻ لاءِ اندر جي اکين جي ضرورت آهي. هن پنهنجي شاعري ۾ تصور محبت جو ذڪر "سر مومل راڻي" ۾ گهڻو ڪيو آهي ۽ هر حالت ۾ جدوجهد ڪرڻ تي زور ڏنو آهي، مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ انسان کي هر قرباني ڏيڻ ضروري آهي.

## سوال ٣

سچل سرمست جي فڪر، سنڌ ۾ وحدت الوجود واري فڪري روايت ۽ انساني آزادي جي پيغام تي مفصل روشني وجهو.

**تعارف:-** سچل سرمست سنڌ جو مشهور شاعر آهي ۽ هن جي شاعري دنيا جي وڏن شاعرن جي شاعري کان گهٽ نه آهي. سچل سرمست به شاهه عبداللطيف وانگر نظريه وحدت الوجود جو زبردست قائل هو.

### نظريه وحدت الوجود

سچل سرمست نظريه وحدت الوجود جو زبردست حامي هو. سنڌس هن جي خيال ۾ هن ڪائنات ۾ صرف هڪ ئي وجود آهي ۽ جيڪا وجود جي ڪثرت نظر اچي ٿي، اها اصل ۾ هڪ ئي وجود جا مختلف روپ آهن. اهو هڪ وجود ئي هر هنڌ موجود آهي. شاهه سائين چوي ٿو:

**الله الله جو ڪرين، پاڻ ئي الله جاڻ،
سچو سائين هڪڙو، ناهي شڪ گمان**

سچل سائين جي خيال ۾ واحد وجود پنهنجو روپ بدلائي هن ڪائنات جو روپ اختيار ڪيو آهي، ۽ سچل سائين پاڻ کي به ان ساهه وجود جو حصو سمجهيو.

سچل سائين عشق کي انساني زندگي لاءِ تمام اهم سمجهي ٿو ۽ چوي ٿو عشق انسان جو رهبر آهي جيڪو کيس ذات حقيقي تائين پهچائي ٿو. عشق تائين پهچڻ لاءِ عاشق کي هر قسم جي قرباني ڏيڻي پوي ٿي. سچل سائين چوي ٿو دنيا سان ڳنڍيل وارو شخص ڪڏهن به ذات حقيقي کي نه ٿو سمجهي سگهي. شريعت مطابق ته انسان خدا جو ٻانهو آهي پر سچل چوي ٿو:

**توڙ رواج ۽ رسمون ساريون،**
**مرد ٿئين مردانو**
**وهم سچل کي ٻانهپ وارو**
**شملو ٻڌ سهانو.**

سچل سرمست علم کي ناقص چيو آهي. جڏهن هر طرف حق آهي ۽ هر هنڌ حق آهي ته انسان کي ڪيڏانهن وڃڻ جي ضرورت نه آهي، بس ان کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ جي ضرورت آهي.

سچل سرمست خدا سان مخاطب ٿي چيو آهي ته خدا تعالي تون ئي آهين جيڪو ازل کان وٺي روپ بدلائيندو ٿو اچين، ڪڏهن پيغمبر ٿي ٿو اچين ته ڪڏهين امت، ۽ ڪڏهن عاشق ته ڪڏهن معشوق.

سچل سرمست خدا جو وجود هر شيءِ
۾ ڏسي ٿو، پيغمبر ۾، انسان ۾، وڻن ۾،
پٿن ۾، پوري ڪائنات ۾ هو خدا جو
وجود، هڪ ئي وجود آهي جيڪو هر شيءِ
۾ نظر اچي ٿو.

## نتيجو

سچل سرمست وحدت الوجود جو زبردست
قائل هو، جيڪو هر شيءِ کي خدا جي وجود
جو حصو مڃي ٿو ۽ چوي ٿو ذات حقيقي
کي سڃاڻڻ لاءِ عشق تمام ضروري آهي ۽
حق تائين پهچڻ لاءِ ظاهري علم ناقص
آهي.